SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXIX مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XXIX OF 2002

سنڌ ايڊهاڪ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي (جوڙڪ ۽ ڪم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH ADHOC PUBLIC ACCOUNTS COMMITTEE (COMPOSITION AND FUNCTIONS) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ڪميٽي
The Committee

4. آفيس جو مدو
Terms of Office

5. طريقيڪار
Procedure

6. ڪم
Functions

7. آڊيٽر جنرل جون رپورٽون
Reports of the Auditor General

8. سفارشون ۽ انهن تي عمل درآمد

Recommendations and their implementation

9. ڪميٽي جي سيڪريٽريٽ

Secretariat of the Committee

سنڌ آرڊيننس نمبر XXIX مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XXIX OF 2002

سنڌ ايڈهاڪ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي (جوڙڪ ۽ ڪم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH ADHOC PUBLIC ACCOUNTS COMMITTEE (COMPOSITION AND FUNCTIONS) ORDINANCE, 2002

[4 سيپٽمبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي صوبي سنڌ ۾ ايڈهاڪ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ سنڌ صوبي ۾ ايڈهاڪ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جوڙي وڃي تہ جيئن اها سرڪاري اڪائونٽس ۽ هڪ مد مان ٻيءَ مد ۾ رکيل رقمن جو جائزو وٺي ۽ ان بابت پاڪستان جي آڊيٽر جنرل جي اهڙن موضوعن تي ڏنل رپورٽن کي نظر مان ڪڍي ۽ تحليل ٿيل سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جي پبلڪ اڪائونٽس طرفان رهجي ويل ڪم جو اڪلاءُ ڪري؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن کري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل کانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل کانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڈيننس جوڙي نافذ کرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڈيننس کي سنڌ ايڈهاڪ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي (جوڙجڪ ۽ ڪم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ ايڪويهين آڪٽوبر 2000 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڈيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "آڊيٽر جنرل" مطلب آڊيٽر جنرل آف پاڪستان؛

(b) "ڪميٽي" مطلب ايڈهاڪ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جيڪا هن آرڊيننس تحت جوڙيل سمجهي ويندي؛

(c) "چيئرمين" مطلب ڪميٽي جو چيئرمين؛

(d) "آئين" مطلب اسلامي جمهوري پاڪستان، 1973 جو آئين، جنهن کي 20 آڪٽوبر 1999 واري هنگامي حالتن واري اعلان تحت التوءِ هيٺ ڪيو ويو آهي؛

(e) "تحليل ڪيل ڪميٽي" مطلب سنڌ اسيمبلي جي پبلڪ اڪائونٽس تي ويهه آڪٽوبر 1999 تي تحليل ڪيل استينڊنگ ڪميٽي؛

(f) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(g) "ميمبر" مطلب ڪميٽي جو ميمبر؛

ڪميٽي
The Committee

3.(1) ذيلي دفعہ (2) موجب، سنڌ صوبي ۾ هڪ ايڈهاڪ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي هوندي، جيڪا گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن ميمبرن تي مشتمل هوندي، جيڪي اهڙي اهليت رکندا جيئن گورنر طئي ڪري.

(2)ميمبر گورنر طرفان مقرر ڪيا ويندا، اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن اهو طئي ڪري، جيڪو ميمبرن منجهان ڪنهن هڪ کي ڪميٽي جو چيئرمين نامزد ڪري سگهي ٿو.

(3)جيستائين ذيلي دفعہ (1) تحت نيئن ڪميٽي جوڙي وجي تيستائين، 21 آڪٽوبر 2000 تي سنڌ حڪومت جي مالیات کاتي جي نوٽيفڪيشن نمبر BI/4(1)/73_ (III_V)95 تحت جوڙيل ايڈهاڪ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي کي هن آرڊيننس تحت جوڙيل سمجهيو ويندو.

آفيس جو مدو
Terms of Office

4. (1)هڪ ميمبر گورنر جي خوشيءَ سان عهدو رکي سگهندو.

(2)چيئرمين يا ميمبر پنهنجي هٿ لکت ذريعي گورنر ڏانهن عهدي تان استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو.

طريقيڪار
Procedure

5. (1) سواءِ ان جي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، ڪميٽي پنهنجو طريقيڪار جوڙيندي.

(2)ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم چيئرمين سميت ڪميٽي جي سموري ميمبرشپ جي هڪ ٽاڪ ٽي برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ ڀڳي ويندي.

(3)سمورا معاملا ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ دوران ميمبرن جي اڪثريت راءِ ۽ ووٽنگ سان طئي ڪيا ويندا.

(4) ووٽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾ چيئرمين کي ميمبر طور ووٽ ڏيڻ جو حق حاصل هوندو.

(5)کميٽي کنهن معاملي جي جاچ لاءِ هڪ يا وڌيڪ ذيلي کميٽيون مقرر ڪري سگهي ٿي ۽ ذيلي کميٽيون معاملي تي پنهنجون سفارشون کميٽي حوالي ڪنديون.

6. (1) کميٽي حڪومت لاءِ جاري ڪيل رقمن جي اڪائونٽس، حڪومت جي سالياني مالياتي اڪائونٽس، آڊيٽر جنرل جي رپورٽ ۽ اهڙن ٻين معاملن جي جاچ پڙتال ڪندي جيئن حڪومت کيس سونپي.

ڪم
Functions

(2) کميٽي تحليل ڪيل کميٽي طرفان چڏيل ڪم طور جاري ڪيل آڊٽ رپورٽس جي بيڪ لاگ جي ڪليئرنس جو انتظام ڪندي ۽ پنهنجون رپورٽون حتمي منظوري لاءِ هڪ سال دوران گورنر ڏانهن اماڻيندي يا اهڙي وڌايل عرصي دوران جيئن گورنر چيئرمين جي درخواست تي طئي ڪري.

(3) سرڪار جي اڪائونٽس ۽ مختصر ڪيل رقمجي جاچ پڙتال ڪرڻ ۽ ان حوالي سان آڊيٽر جنرل جي رپورٽن جي اهڙي ريت چنڊ چاڙ ڪرڻ جنهن مان ڪاميٽي پاڻ مطمئن ٿئي.

(a) اهو ڏسندي ته اڪائونٽس ۾ جاڻايل رقمون ورهايون ويون هيون، قانوني طور تي اهڙين خدمتن يا مقصد لاءِ ڪم آنديون ويون، جنهن لاءِ اهي لاڳو رکيون ويون هيون؛

(b) ته ڪيل خرچ اٿارٽي جي اختيارن مطابق هو جيڪا ان کي هلائي ٿي؛ ۽

(c) هر ري ايپروپريئيشن ان سلسلي ۾ حڪومت (فنانس

ڊپارٽمينٽ) طرفان جوڙيل قاعدن موجب ڪئي وئي آهي.

(4) ڪميٽي جي اها بہ ذميواري هوندي تہ:

(a) اهڙين تجارتي ۽ مال ناهيندڙ ڪارپوريشنس جي آمدني ۽ روانگيءَ جو حساب ڪتاب جاچڻ، سرڪاري پراجيڪٽس ۽ ترجيحن جون بيلنس شيٽون ڏسڻ ۽ فائدي يا نقصان جا ڪاتا تپاسڻ، جيڪي گورنر چاهيو آهي تہ تيار ڪيا وڃن يا مالي امور کي ضابطي ۾ رکڻ واري قانون جي گنجائشن مطابق جوڙيا ويا آهن، جيڪي ڪنهن واپاري يا مال ناهيندڙ مخصوص ڪارپوريشن سان لاڳاپيل هجن يا اهڙي اسڪيم يا پراجيڪٽ لاءِ هجن، تن بابت آڊيٽر جنرل جي رپورٽ ڏنل هجي.

(b) خودمختيار ۽ سيمي آٽونامس باڊيز جي ڪمائي ۽ خرچ جي اڪائونٽس جي جاچ پڙتال ڪرڻ، جنهن جي آڊٽ، آڊيٽر جنرل طرفان گورنر جي هدايتن موجب يا ڪنهن قانون موجب ڪئي ويندي.

(c) اهڙن معاملن ۾ آڊيٽر جنرل جي رپورٽ قبول ڪرڻ جتي گورنر آڊٽ ڪرڻ لاءِ چيو هجي يا ڪا اوڳاڙي يا استورس ۽ اسٽاڪ جي اڪائونٽس جي جاچ پڙتال ڪرڻ؛

(5) جيڪڏهن ڪا رقم مالي سال دوران اجازت ڏنل گرانٽس يا مختص رقم کان وڌيڪ خرچ ڪئي وئي آهي تہ ڪميٽي هر ڪيس جي حقيقتن، اهڙي اضافي خرچ جي حالتن کي نظر ۾ رکندي جاچ ڪندي ۽ اهڙيون سفارشون جوڙيندي، جيئن اها مناسب سمجهي.

7. آڊيٽر جنرل صوبي جي اڪائونٽس سان لاڳاپيل آڊيٽر جنرل جون

رپورٽون گورنر کي جمع ڪرائيندو جيڪو رپورٽس غور لاءِ ڪميٽي حوالي ڪندو.

رپورٽون
Reports of the Auditor General

8. ڪميٽي رپورٽون جو جائزو ونڊي ۽ پنهنجون سفارشون منظوري لاءِ گورنر ڏانهن اماڻيندي. صوبائي اسيمبلي سنڌ جي سيڪريٽريٽ گورنر طرفان منظور ڪيل سفارشن تي عمل درآمد ڪرائيندي.

سفارشون ۽ انهن تي عمل درآمد
Recommendations and their implementation

9. صوبائي اسيمبلي سنڌ جي سيڪريٽريٽ ڪميٽي جي سيڪريٽريٽ طور ڪم ڪندي.

ڪميٽي جي سيڪريٽريٽ
Secretariat of the Committee

10. (1) 21 آڪٽوبر 2000 تي سنڌ حڪومت جي فنانس ڊپارٽمينٽ جو نوٽيفڪيشن نمبر _BI/4(1)/73 (III_V)95 هن آرڊيننس تحت ڪميٽي جي قيام تي منسوخ ٿي ويندو.

(2) جيستائين ڏيلي دفعہ (1) تحت نوٽيفڪيشن جي منسوخي نہ ٿئي، سمورا ڪنيل قدم، شروع ڪيل ڪارروائي، يا ان سلسلي ۾ جوڙيل ايڊهاڪ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جا جاري ڪيل حڪم ڪارگر نموني ڪنيل قدم، جاري ڪيل يا هن آرڊيننس تحت ڪيل سمجهيا ويندا ۽ ايئن ئي ڪارگر سمجهيا ويندا.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي